غلام اصغر شر
ليڪچرار، ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ

# شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”تجنيسون ۽ صنعتون“ جي موضوع تي ٿيل ڪم جو جائزو

# (A BRIEF ANALYSIS OF THE SCHOLARSHIP OF "TAJNIS AND SAN'AT" IN THE POETRY OF SHAIKH AYAZ)

**Abstract:**

*Shaikh Ayaz is a prominent name in modern Sindhi poetry, who took Sindhi poetry to new heights in terms of technique and thought. Many researchers and critics have worked on the artistic aspects of Shaikh Ayaz's poetry. In this regard, Kamar Shahbaz, Dr. Abdul Jabbar Junejo, Ibrahim Joyo, Dr. Fayyaz Latif, and Noor Ahmed Jangahi have worked on the art of "Tajanis and San'at" in Ayaz's poetry. Although some work has been done on the subject of "Tajanis and San'at" in Ayaz's poetry, it is still limited. There is a need for more research on this topic. This research article reviews the work done on the subject of "Tajanis and San'at" in Shaikh Ayaz's poetry and highlights the significance of the work done.*

شيخ اياز جي شاعري فڪري لحاظ سان جيترو ڀرپور ۽ سگهاري آهي، اوترو فني خوبين جي لحاظ سان بہ شاندارآهي. سندس شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر جا اٿاهہ خزانا آهن. اياز جي شاعريءَ جي فڪري ۽ فني خوبين تي ڪيترين ئي مُحققن ۽ نقادن لکيو آهي، پر خاص طور ”تجنيسون ۽ صنعتون“ جي موضوع تي قمر شهباز، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ابراهيم جويو، ڊاڪٽر فياض لطيف، نور احمد جنجهيءَ لکيو آهي، هن مقالي ۾ سندن ڪم جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ تجنيس ۽ صنعت جنهن حسن سان استعمال ٿيل آهي، اُن جي سونهن، وُسعت ۽ گِهرائيءَ کي مُحققن بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هِن موضوع تي سڀ کان پهريان قمر شهباز لکيو، سندس راءِ آهي تہ:

”شيخ اياز جي شاعري تقريبن سموري، تجنيسِ حرفيءَ سان ٽمٽار آهي.

آيو اوهيرا ڪري، ڄرڪي منهنجي ڄاڻ
ڇڙا چنگ وڳا پئي، ڀِنا پئي ڀاڻ،
ساري رات وٺاڻ، ٽميا ڇُٽاڪا ڪيو.“



(شهباز 1998، 419)

قمر شهباز ”تجنيسِ حرفيءَ جو وڌاءُ“ عنوان هيٺ اياز جي شاعريءَ منجهہ خوبين کي هن طرح ڏنوءِ بيان ڪيو آهي:

گگهہ وڳو گهگهہ ۾، ڏني جهپ جهاز،
ٻاٽا وڏي ٻاٽ سان، ٻمن مان آواز،
هي آزاديءَ راز، اک نہ چنين آدمي!

***

ٿو سڏ ڏيان هر سڏڪي کي،
تون جاڙ ڪرين، مان ماڙ ڪيان.

***

اپيون ٻانهون اپ ڏي، ڏونرن بنا ڏار ...

***

ڪا ترائيءَ جي، ڇانوَ ڇانئجي هجي.

***

”مٿين سٽن ۾ گگهہ ۽ گهگهہ، ٻاٽا ۽ ٻاٽ، سُڏڪو ۽ سَڏُ، اپيون ۽ اُپ، ڇانوَ ۽ ڇانئي وغيره نہ صرف ساڳئي آواز سان شروع ٿيندڙ لفظن جا جوڙا آهن پر مختلف معنيٰ رکندي بہ هڪ لفظ ٻئي جو وڌاءُ آهي. جهڙوڪ: گگهہ + و =گهگهو، ٻاٽ + ا =ٻاٽا، سَڏ + ڪو = سُڏُڪو، اپ + يون = اپيون، ڇانءَ + ئي = ڇانئي وغيره. ڇاڪاڻ تہ هيءُ هُنر بلڪل نئون آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر ۾ ڪامياب آهي. ان ڪري ان کي نالي ڏيڻ لاءِ مان ڪيس تجنيسِ حرفيءَ جو وڌاءُ Extended Alliteration چوندس.“ (شهباز 1998، 420)

اياز جي شاعريءَ ۾اندروني قافين جو استعمال بہ گهڻي قدر ملي ٿو. قافين جو اندروني استعمال شعر جي سُونهن جو ڪارڻ بڻجي ٿو. اياز جي شاعريءَ ۾ هم آواز ۽ هم قافيا لفظن جو بہ عام جام استعمال نظر اچي ٿو. مثال طور:

ڏاڍا واڍا ڏيهہ جا، ڏيهہُ ڪڙن قابو
هي جو هيل لهو!

***

چارڻ ٻارڻ ٻارڪو ڏي ڪالهُون لَهسَ،
مَڃُ وساٽو سچ جو.

***

سِر ڪپجي سُر ٿيو پُورا ٻَالهہ نہ پُلُ،
گهوريو گهوريو گهوريو!

***

پيئڻ تي جيئڻ، گهوري گهوٽ وهاٽيا،
روئندو تن لئہ راتڙيون، سدائين ساوڻ،
هُو جي مَري جڻ، موکيءَ کي موکي ويا

***

توکي سڏ سُئا، هُو جي رات مُئا،
ورتائون وِهہ گاڏئون.

***

ڪُونڌر ڪُڏائي اوڏڙا، نُونڊ نچايا مون،
وڃن پيا ويڙهہ ۾، سُورهيہ ءِ سوِيُون،
لَهوءَ لال پڳون، ڪِڙيون رت چڪندڙيون!

***

"مٿين شعرن ۾ ڏاڍا واڍا، چارڻ ٻارڻ، مَڃُ سَچُ، سِرُ سُرُ، پيئڻ جيئڻ، سُئا مُئا ۽ سَپُ سِپ جا جوڙهم قافيا ۽ هم آواز آهن." (چانڊيو 1998، 21_420)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو اياز جي شاعريءَ ۾ علم بديع، علم عروض، علم معنيٰ ۽ تجنيس حرفيءَ بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

"اياز جي اڳيان علم بديع، علم عروض ۽ علم معنائن جي رنگ محل جو سڄو جنسار موجود آهي. هن تجنيس حرفيءَ جي دستوري ورتاءَ سان گڏ نوان تجربا بہ ڪيا.

سورٺ روپ انوپ، سهسين سانگ سهاڳ جا،
سورٺ تنهنجو روپ، مايا ارٿ پرائيو.

***



جوبن ڀريان ڏينهنڙا، ساوڻ گهاٽا مينهن،
سارا سارا ڏينهن جهڙ نہ لهي جيءَ تان."
(جوڻيجو 1999، 107)

مثال ۾ ڏنل ڀهرين بيت ۾ چار اهڙا لفظ آهن جيڪي "س" جي اکر سان شروع ٿين ٿا. ٻئي بيت ۾ "ج"، "س" جو خوبصورت استعمال ٿيل آهي.

اياز جي شروعاتي شاعريءَ ۾ واو عطفيٰ، زيرِ اضافت ۽ همزه اضافت جا مثال مِلن ٿا. اُن بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر اسحاق سميجي، نُور احمد جنجهي، عزيز قاسماڻي ۽ ٻين مُحققن، نقادن لکيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو "اياز جي شاعريءَ ۾ گهٽ ئي صحي پر زيرِ اضافت جو استعمال موجود آهي. ان جو مثال هي آهي:

قدم قدم تي هجومِ رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا،
ڪري ويو ڪير بارشِ مئي، خمار آلود ٿيا زمانا."
(جوڻيجو 1999، 62)

ان کان سواءِ ڊاڪٽر جبار جوڻيجو اياز جي شاعريءَ منجهان واو عطفيٰ جي استعمال جا مثال بہ ڏئي ٿو:

"واو عطف جو استعمال بہ ٿورو ٿورو ڪيو اٿس:

ڏنم آسمان و زمين تون ڪٿي آنهہ؟
ڪٿي آنهہ منهنجا پرين، تون ڪٿي آنهہ؟"
(جوڻيجو 1999، 62)

"و" معنيٰ ڏيندو آهي "۽" جي. وزن جي چڪر ۾ اڳي شاعر "۽" جي جاءِ تي "و" جو استعمال ڪندا آهن. ٻوليءَ جي اهڙي استعمال سان فارسي آميزيءَ جو اثر پڻ ظاهر ٿئي ٿو. مٿي ڏنل شعر جي ڀهرين سِٽَ ۾ "آسمان و زمين" ٻن لفظن جي وچ ۾ "و" جو استعمال ٿيل آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ ترڪيبن تي محمد ابراهيم جويي ڀهريون ڀيرو قلم کنيو آهي، جيڪي هن جي مهاڳن واري ڪتاب "مون ڏات انوکي آندي آ" ۾ ڇاپيل آهن.

هنن ئي گيتن ۾ اوهان کي اواڪ اُڃ، ڪنڌ ڪنورن جا، سپني ول، تارونءَ ۾ تلوارون، آنڌيءَ ۾ آڪيرا، ڌرتيءَ تي دستارون، ڇپر مان ڇاڻ، آڪيري جي اوٽ، ڌر جو ڌڙ، ڏاڍ جي آڏ، چنگ جي ڇٽنگ، گلابي گهڙيون، ماڪ مهل، لهوءَ جي ندي، گهنڊ گناهن جا ۽ ٻيون اهڙيون ڪيئي ترڪيبون ملنديون، جن مان اڪثر، پنهنجي اصطلاحي مفهوم توڙي علامتي مقصد ۾ شاعر پهريون ڀيرو استعمال ڪيون آهن. (جويو، 2012، 28)

ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي دوهن ۾ اندروني قافين ۽ اسم تصغير جي استعمال جا، اياز جي دوهن مان مثال ڏئي ۽ انهن ۾ اندروني قافيي طور ۽ اسم تصغير طور شامل ٿيل لفظن جي نشاندهي ڪئي آهي:

جڏهن ته آخري ٽن دوهن ۾ اسم تصغير (ڳالهڙيون ۽ ماٺوئڙن) جو هنر ڪتب آڻي، اندروني قافين (ٻُڪ، ڏُک ۽ سُک) جي استعمال سان، هن ڪمال جي حُسناڪي پيدا ڪئي آهي. (فياض لطيف، 2018، 50)

ان کان سواءِ فياض لطيف، شيخ اياز جي دوهن ۾ شامل تشبيهن جو به مثال ڏئي ذڪر ڪيو آهي، جهڙوڪ: شام کي ڪوراڻ حياتيءَ کي ماڪ، ڀيرن کي چنبيلي ۽ سپنن کي پاٽوليءَ جي هٿن جهڙو سمجهڻ!

اهڙيءَ طرح استعاري جو ذڪر ڪندي ڳالهين کي "ڳالهيون چندن چورو"، "ڳالهيون آڳ" موت کي "پيراڊو"، دشمن کي "ڪاريهر"، دنيا کي "سراءِ" ۽ دل کي "ڪعبو"، استعاراتي طور استعمال ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

نُور احمد جنجهي اهڙا ڪجهه مثال شيخ اياز جي واين ۽ غزلن مان ڏنا آهن:

"غزل ۾ به هُو (شيخ اياز) انهن ترڪيبن کي سهڻي نموني استعمال ڪري ٿو. مونسِ ماهتاب، دير و ڪعبه، همرڪاب وغيره غزل جي هنن سٽن ۾ ملي ٿو:

مونسِ ماهتاب آهيان مان.
ڪنهن پرندي جو خواب آهيان مان.
خالقِ ڪائنات ڏس تنهنجي،
جستجو جو جواب آهيان مان.
جيستائين هلين ابد تائين،
اي ازل! هم رڪاب آهيان مان.
دير و ڪعبه جو دڳ وسار اياز!
چڏ گهڻو خراب آهيان مان.

هڪ ٻئي غزل ۾ فارسي يا اردو ترڪيبون پلوڙ ٻيهڪ سان آيل آهن. هن غزل جو رديف "ويجهو آءُ" انهن فارسي ترڪيبن کي ڍڪي ٿو. شعر و شراب، جهانِ خراب، مرمرين جسم ۽ احمرين اکڙيون هڪڙو ترنم جوڙين ٿيون." (جنجهي، 2019: 194)

نور احمد جنجهي طرفان مٿي ڄاڻايل شعر ۾ استعمال ٿيل لفظ "مونس" جي "س" تي زير، "خالق" جي "ق" تي زير جو استعمال "زير اضافت جو مثال آهي. ان کان سواءِ نور احمد جنجهي، اياز جي جنهن غزل جو رديف ڄاڻايو آهي ۽ ترڪيبن جي استعمال جا مثال پيش ڪيا آهن، اهو غزل ناهي ڏنل فقط ان تي تجزيو ۽ نشاندهي ٿيل آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شامل تجنيس جي فن تي عزيز قاسماڻي پنهنجي ڪتاب "شيخ اياز جي غزل جو فن" ۾ ص161 کان 181 تائين باب پنجين " شيخ اياز جي غزل ۾ علم بيان" ۾ اياز جي غزل ۾ تجنيس تام، تجنيس حرفي، تجنيس خطي، تجنيس زائد، تجنيس لاحق، تجنيس مرڪب، تجنيس مزيل، تجنيس مضارع، تجنيس مُطرب، تجنيس مڪرر، تجنيس ناقص، استعارو مجاز مرسل، تشبيهه، اشارا ۽ ڪنايا مثالن سميت ڏنا آهن. اياز جي شاعريءَ ۾ "تجنيس ۽ صنعت" جي موضوع تي تمام گهڻو ڪم ڪري سگهجي ٿو ۽ ان ڪم جي گنجائش به آهي. هڪ ته تمام گهٽ نقادن ڪم ڪيو آهي ٻيو ته جيڪو ٿيو آهي اهو تمام مختصر آهي.

حوالا:


جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر.(1999).شيخ اياز هڪ مطالعو.خيرپور ميرس،سنڌ: شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس

جنجهي، نور احمد(2019)جاڳ جا ڀاڳ آهيون پرين.قنبر،سنڌ: ڪنول پبليڪيشن

جويو،محمد ابراهيم.(2012). مون ڏات انوکي آندي آ. ڪراچي،سنڌ: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

چانڊيو،فياض لطيف، ڊاڪٽر.(2018).شيخ اياز جا دوها.حيدرآباد،سنڌ: سمبارا پبليڪيشن

شهباز قمر.(1998). شيخ اياز_ اينٿالاجي.مرتب: جامي چانڊيو. ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي